1. دين محمد ڪلهوڙو

# محبت ٻرڙي جي زندگي ۽ سنڌس تحقيقي ڪم جو تعارف

# An Introduction to the Life & Research Work of Muhabbat Buriro


## *Abstract:*

*Muhabbat Buriro was a Multifaced person. Besides being a MBBS doctor, he was a humanist.*

*Muhabbat Buriro was a scholar who had ability to Pierce through the meaning of the words & reach to their soul. He had good command on the roots of Sindhi words. Thus he was able to coin new words & phrases in Sindhi for various branches of study. Therefore we may call him a lexicologist, who know the meaning of words by meaning of words by studying their full context & history. He pioneered in Sindhi language,the study of lexicography & Linguistics, which was based on western literary tradition. Sindhi text book writers of the earliest times used to coin new phrases of scholarly expressions. This was done either by forming new words from purely Sindhi roots of the words, formed nouns,verbs & adjectives in order to convey the full scholarly out come of a word combination and this the sin qua none of any scientific or technical branch of study.*


## پيدائش ۽ خانداني پس منظر:

"محبت ٻرڙي جو مائٽاڻو نالو محبت علي هو. هُو 25 مارچ 1952ع تي، شوڪت علي ٻرڙي (1987ع_1920ع) جي گهر ۾ قنبر شهر جي نورشاهہ محلي ۾ ڄائو." (ٻرڙو 2014ع: 16)

محبت ٻرڙي جو والد شوڪت علي، 'لاهوتي شوڪت علي' جي نالي سان مشهور هو. هُو قنبر جي لاهي چاڙهي ۾ حجامڪو ڪم ڪندو هو. هُو ليکڪ ۽ شاعر بہ هو. 'شوق' تخلص هئس. محبت ٻرڙو سنڌس ٽيون نمبر پٽ هو.

محبت ٻرڙي جو وڏو ڏاڏو 'مٺل' اصل ميرپور ٻرڙي، ضلعي جيڪب آباد جو ويٺل هو. جتان اٺويهين صديءَ ڌاري، لڏي اچي قنبر ۾ آباد ٿيو. سنڌس پونئر 'مِٺل' جي نالي پٺيان 'مِٺاڻي ٻرڙا' سڏجن ٿا.

"محبت ٻرڙي جو ڏاڏو محمد عثمان ٻرڙو (1925ع_ 1865ع) هر فن مولا شخص هو. هُو پنهنجي وقت جو مذهبي عالم، مولوي، فنڪار ۽ اديب هو.

1. پي ايڇ. ڊي اسڪالر، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو

محمد عثمان ٻرڙي کي ٽي پٽ: ڪريم بخش، محمد علي ۽ شوڪت علي (محبت ٻرڙي جو والد) پيدا ٿيا. پوين ٻن پٽن جا نالا، مولانا محمد علي جوهر ۽ مولانا شوڪت علي جوهر کان متاثر ٿي رکيا." (ٻرڙو 2014ع: 13)

## ننڍپڻ ۽ تعليم:

محبت ٻرڙي ابتدائي تعليم مارچ 1964ع ڌاري گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول قنبر مان پاس ڪئي. وڌيڪ پرائمري تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ گورنمينٽ هاءِ اسڪول قنبر ۾ داخلا ورتي. اُن وقت اسڪول جو هيڊماستر وي.جي ٿڌاڻي (وسيومل جيوت رام) مقرر هو.

"هُو اصل ٺارو شاهه تعلقي (موجوده نوشهرو فيروز ضلعو) جو رهواسي هو ۽ 2- جنوري 1946ع کان 31- جنوري 1967ع تي رٽائرمينٽ تائين، قنبر ۾ هيڊماسٽر ٿي رهيو. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هُو انڊيا جي رياست 'ٻڙوده' لڏي ويو جتي 1988ع ۾ ديهانت ڪري ويو. هن ايم.اي جو مونوگراف 'جهانيان خاندان' تي لکيو جيڪو آڪٽوبر 1972ع ۾ سنڌالاجي اداري ڇپائي پڌرو ڪيو." (ٻرڙو 2006ع: 9-70)

محبت ٻرڙو پڙهڻ ۾ نهايت ئي ڦڙت ۽ هوشيار هوندو هو. هر مضمون تي پورو توجهه ڏيندو هو ۽ ڪلاس ۾ به هُو ٻين شاگردن سان هرو ڀرو ڏيگهه نه رکندو هو ۽ ڌيان، پڙهائيءَ طرف هوندو هئس. سندس اکر ڏاڍا سهڻا چڻ موتين جا داڻا هجن. اسڪول زماني کان ئي ادبي ڪتابن ۽ رسالن پڙهڻ جو ڪيس شوق جاڳيو جيڪو عمر جي وڌڻ سان پڻ وڌندو رهيو. اهو شوق سندس هم ڪلاسي دوست محمد ايوب راجپوت ڏياريو ان دوست ڪيس اردو ڊائجسٽ ۽ جاسوسي توڙي ٻيا اردو ناول پڙهايا.

محبت ٻرڙي جون 1969ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪيو. ان کان پوءِ سيپٽمبر 1969ع ۾ ٽن مهينن جو ٽائيپنگ ڪورس به ڪاميابيءَ سان پاس ڪيو. محبت ٻرڙي 1971ع ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان انٽر سائنس (پري ميڊيڪل) جو امتحان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيو.

اسڪول يا ڪاليج واري زماني ۾ محبت ٻرڙي جي گهر ۾ بجلي نه هوندي هئي، ۽ هُو رات جو گهٽيءَ ۾ اسٽريٽ لائيٽ جي روشنيءَ ۾ پڙهندو هو. ننڍپڻ ۾ نصابي ڪتابن سميت غير نصابي ڪتابن پڙهڻ جو به وڏو شوق هوندو هئس. هُو ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي جي لائبرريءَ مان 2، 3 ڪتاب اِشو ڪرائي پڙهندو هو. ان طرح هُن ڪاليج جي پڙهائيءَ دوران ڪيترائي اهم ڪتاب پڙهيا.

"هِن انهيءَ مطالعي کي شوق بدران هڪ عادت بڻائي ڇڏيو هو. جيستائين ريل اچي ۽ پليٽفارم تان رواني ٿي، هو ريلوي اسٽيشن تي به ڪتاب پڙهندو رهندو هو ۽ اهو مطالعو ريل ۾ به جاري رهندو هو. جڏهن ته باقي ڪتاب، گهر ۾ پڙهي

وٺندو هو. سندس مطالعي جي اها رفتار شاگرديءَ جي دور کان ئي ٽِڪي رهي جا ساڻس سڄي ڄمار ساٿ نڀائيندي رهي.“ (ٻرڙو 2014ع: 20, 19)

محبت ٻرڙي جي داخلا 1972ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄام شوري ۾ ٿي ويئي. سنڌ جي تعليمي، علمي، ادبي ۽ ثقافتي ادارن جو شهر ’مدينة العلم‘ (ڄام شورو) ۽ پر وارو ادبي ۽ ثقافتي مرڪز حيدرآباد جو شهر، محبت ٻرڙي کي هڪ نئين دنيا ۾ وٺي ويو. انهن ٻنهي ادبي، تعليمي ۽ ثقافتي شهرن محبت ٻرڙي جي فڪري طرح اوسر ڪئي. هُن ميڊيڪل سائنس جي ڊگري 1979ع ۾ پاس ڪئي. اهو 1976ع جو امتحان هو جنهن جو نتيجو سنڌ ۾ لساني وڳوڙن سبب، 21- نومبر 1979ع تي پڌرو ٿيو. ايل.ايم.سيءَ ۾ سندس رهائش ’البيروني‘ هاسٽل جي 45 نمبر ڪمري ۾ هئي.

”سندس ڏينهن ۾ پروفيسر ڊاڪٽر نجيب، پروفيسر ڊاڪٽر علي محمد انصاري ۽ پروفيسر ڊاڪٽر عظيم عالماڻي پرنسيپال طور ذميداريون سنڀاليون. محبت ٻرڙي کي اُتي جن استادن پڙهايو تن ۾- سرجن ضمير صديقي، پروفيسر ارشاد موريائي، پروفيسر ناصره خان ۽ ٻيا شامل هئا. سندس هم ڪلاسين ۾- ڊاڪٽر جاويد شيخ، ڊاڪٽر خليل قاضي، ڊاڪٽر عزيز ٽالپر، ڊاڪٽر خادم لاکير، ڊاڪٽر منير شيخ، ڊاڪٽر ڪنعيا لال گيانچنداڻي، ڊاڪٽر اعجاز تُرڪ، ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا، ڊاڪٽر شفقت عباسي، ڊاڪٽر ايوب جروار، ڊاڪٽر رسول بخش خاصخيلي، ڊاڪٽر ولي عباسي وغيره شامل هئا.“ (ٻرڙو 2014ع: 20)

ايل. ايم. سي ۾ پڙهڻ دوران محبت ٻرڙي جي دوستن ۽ ساٿين جو حلقو صرف ايل.ايم.سي تائين محدود رهڻ بدران، تمام گهڻو وسيع ٿي ويو هو جن ۾ خاص طور ڊاڪٽر آڪاش انصاري، اسلم پرويز عمراڻي، سيف الله نظاماڻي، اسد گاڏهي، مظفر ٻرڙو نورنبي راهوجو منصور عالم ابڙو منظور ڇڄڙو مشتاق شابراڻي، عبدالله ملاح، مير مظهر ٽالپر، ڊاڪٽر علي گل ميتلو اياز عالم ابڙو قيس عالم ابڙو طارق عالم ابڙو وغيره اهم آهن.

ڄام شوري ۾ محبت ٻرڙي جا تعليمي خرچ ڪانئس ٻه سال وڏي ڀاءُ فتح علي ’تراب‘ برداشت ڪيا. پڙهائيءَ دوران محبت ٻرڙي کي مختلف اسڪالرشپون به ملنديون هيون. اُن سان گڏ هو مختلف رسالن ۽ مخزنن جي سهڻن لفظن ۾ ڪتابت به ڪندو هو. محبت ٻرڙي لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهائيءَ دوران ’ايم.ايل.سي بٽالين‘ ڄام شوري ۾ آڪٽوبر 1974ع کان سيپٽمبر 1976ع دوران ’نيشنل گارڊس‘ پاران ’نيشنل ڪيڊٽ ڪارپس‘ جو لازمي ڪورس به ڪري ورتو.

محبت ٻرڙي ۾ ننڍپڻ کان ئي پڙهڻ، پُرجهڻ ۽ سکڻ جي عادت پيل هئي. هو شاگرديءَ واري زماني ۾ ٻين عام شاگردن وانگر اجاين ڪمن ۾ وقت ضايع ڪرڻ بجاءِ پڙهڻ، لکڻ ۽ پاڻ جهڙن دوستن سان اهم موضوعن تي ڪچهري ڪندي، صرف ڪندو هو. هو جهڙيءَ طرح لکڻ ۽

پڙهڻ ۾ وسيع نظر هو. تهڙيءَ ريت هٿ جو بہ ڪشادو ۽ سخي مڙس هو. ايل.ايم.سي واري زماني ۾ سندس ڪمرو پنهنجي رهائش گهٽ، پر مهمان خانو وڌيڪ لڳندو هو. مهمان ڪائنس موڪلائيندا هئا، تہ هو اُنهن کي حيدرآباد وٺي، پنهنجن پئسن مان ڪتاب خريد ڪري کين ڏيندو هو ۽ اهڙي طرح هو علم جي ورهاست بہ ڪندو هو. سندس ننڍپڻ جو ساٿي پروفيسر منظور ڇڄڙو اُن بابت پنهنجي هڪ مضمون "اهڙا مانجهي مرٽا ناهن!" ۾ لکيو آهي تہ:

"ڊاڪٽر محبت وٽ سڄيءَ سنڌ جا دوست (ڄام شوري) ايندا هئا، هُو جڏهن ڪائنس موڪلائيندا هئا، تہ انهن کي حيدرآباد 'قومي ڪتاب گهر' تي وٺي ويندو هو. واپسيءَ جيترا پئسا بچائي، باقي سمورن پئسن جا ڪتاب کين وٺي ڏيندو هو. اهڙيءَ ريت، سڄيءَ سنڌ جي ڪارڪنن جا گهر بهترين لائبريرين تي ويا، جن مان سڄيءَ سنڌ جي دوستن ڀرپور فائدو ورتو." (ڇڄڙو 2017ع: 247)

## ازدواجي زندگي ۽ ملازمت:

محبت ٻرڙي جي شادي، سندس خواهش ۽ پسند تي 1983ع ۾ ڪراچيءَ ۾ پڙهيل لکيل ميمڻ گهراڻي مان ٿي. سندس سهرو مولا بخش ميمڻ، اُن وقت سٽي ڪورٽ ڪراچيءَ ۾ جج هو. سندس ٽيڻ واري جيون ساٿياڻي بہ اُن وقت ايل.ايم.سي ۾ بي.ڊِي.ايس (ڏندن واري ڊاڪٽريءَ) جي ٽئين سال جي شاگردياڻي هئي. شاديءَ کان پوءِ ڇوڪريءَ تعليم اڌ ۾ ڇڏي ڏني، کين 1984ع ۾ هڪ پٽ ڄائو جنهن جو نالو محبت ٻرڙي 'ساجد محبت' رکيو.

"ڊگري وٺڻ کان پوءِ محبت ٻرڙي 'پاڪستان ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪائونسل اسلام آباد' ۾ جنوري 1980ع ۾ رجسٽريشن ڪرائي. ان کان پوءِ هُن 10- فيبروري 1980ع کان 14- جون 1982ع تائين 'ڪئپٽن ڊاڪٽر' جي حيثيت سان ڪمپلسري ملٽري سروس ڪئي، جنهن دوران سندس مقرري اٽڪ، گلگت، اسڪردو ۽ ڪوئٽا شهرن ۾ رهي، پر کيس اُتي سڪون ۽ مزو نہ آيو ڇو تہ هُو شاگرديءَ واري دور ۾ سياست ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪري چڪو هو ۽ سجاڳ ذهن هو. سٺي پگهار، بنگلي سماجي رُتبي باوجود اها نوڪري کيس پسند نہ آئي، انڪري فوج ۾ 'ڪئپٽن ڊاڪٽر' جو عهدو ڇڏي موٽي آيو ۽ ڄام شوري ۾ ڪجهہ مهينا پنهنجي ننڍي ڀاءُ صُحبت ٻرڙي وٽ رهيو." (ٻرڙو 1914ع: 21)

'ڪئپٽن ڊاڪٽر' جو عهدو ڇڏڻ کان پوءِ خانگي ملازمت ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ جي فيڊرل بي ايريا ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ 'ميلون جونس بلڊ بئنڪ ڪراچي' ۾ 1 جنوري 1983ع کان 31 جولاءِ 1983ع تائين ۽ 'دِي آغا خان چيريٽيبل ڊسپينسري' ۾ 84-1983ع دوران نوڪري ڪئي پر پوءِ جلد ئي نوڪريءَ تان مستعفي ٿي 1984ع ۾ پنهنجي آباڻي شهر قنبر هليو آيو ۽

قنبر شهر جي مشهور ڊاڪٽر نانڪ رام جي رهائشگاهه پرسان. گهر ٺهرائي اچي رهيو. اُن گهر جي اڏاوت ۾ محبت ٻرڙي به ڪم ڪيو رياضت ٻرڙو لکي ٿو تہ:

"اُن گهر جي اڏاوت دوران ڊاڪٽر محبت ٻرڙي پاڻ بہ سخت محنت ۽ مزدوري ڪئي، سروٽا ڳنيا، ڏمڪ هنيو پٽين کي تَر ڪيو مسالو تيار ڪيو ۽ ايتريقدر جو فرسٽ فلور تي پنهنجي رهڻ لاءِ ڪمري تي پاڻ ٽيئر ۽ گاڊر چاڙهي لڳايا." (ٻرڙو 2014ع: 22)

محبت ٻرڙي قنبر شهر ۾ باقاعده رهائش اختيار ڪرڻ کان پوءِ 'لطيف' جي نالي سان شهر جي مختلف پاڙن- باغي ديري، گوپانگ ۽ علي خان ۾ ڪلينڪ کولي علاج ڪندو رهيو. محبت ٻرڙي کي 'شاهہ لطيف' سان بيحد اُنسيت هئي، جنهنڪري نہ صرف ڪلينڪ جو نالو 'لطيف' رکيائين، پر 'لطيف ڪلينڪ' کان اڳ سياسي تنظيم ۾ سندس ڳجهو نالو بہ لطيف هو انڪري سياسي ۽ نظرياتي ڪتابن تي قلمي نالو بہ 'لطيف' رکيائين. سندس ڪلينڪ علمي، ادبي ۽ سياسي ڪچهرين ۽ گڏجاڻين جو اهم مرڪز رهي. هُو لطيف ڪلينڪ تي ايندڙ مريضن کان بنهہ ٿوڙي في وٺندو هو ۽ جيڪڏهن ڪنهن مريض وٽ دوا وٺڻ جا پئسا نہ هوندا هئا، تہ اها معمولي في بہ نہ وٺندو هو. سندس هٿ ۾ شفا هئي. هُو انتهائي ضروري ۽ محدود دوا لکي ڏيندو هو تہ جيئن مريضن کي اضافي خرچن ۽ دوائن کان بچائي سگهجي. اهڙين حالتن ۾ هو ٻن ويلن لاءِ بہ پريشان رهندو هو پر اُن جي لکا پوڻ نہ ڏيندو هو. هُو وس پُڄي مريضن کي سُئي (انجيڪشن) بہ نہ هڻندو هو. جنهنڪري ڪيترائي ڳوٺاڻا مريض اهو سمجهندا هئا تہ ڊاڪٽر کي سُئي هڻڻ نہ ٿي اچي. جنهنڪري اهڙن مريضن جو اچڻ گهٽ ٿيندو هو پر جيڪي مريض سندس هٿ هيٺ شفا حاصل ڪندا هئا، اُهي آخر تائين سندس پنهنجا ٿي رهيا. سندس باغي ديري واري ڪلينڪ گهر کان هڪ ڪلوميٽر جي مفاصلي تي هئي ۽ اُهو سفر هُو سائيڪل تي ڪندو هو ۽ سال ۾ فقط 3 ڏينهن يعني- عيدالفطر، عيدالاضحيٰ ۽ ڏهين محرم الحرام تي ڪلينڪ بند رکندو هو. محبت ٻرڙي کي اِن ڳالهہ جو هميشہ اطمينان رهندو هو تہ هن پنهنجي عملي زندگي، ذاتي پورهئي تي گذاري آهي.

## وفات ۽ مدفن:

9 اپريل 1997ع تي محبت ٻرڙو معمول موجب صبح جو پنهنجي ڪلينڪ تي ويو ۽ ٻن پهرن جي ماني لاءِ گهر موٽيو تہ سيني ۾ ڪيس ڪجهہ سُور محسوس ٿيو جو وڌندو ويو. هُن ٽيليفون تي، پنهنجي ويجهي ساٿي ڊاڪٽر نذير شيخ سان ڳالهايو جنهن کيس جلديءَ ۾ دوا وٺڻ لاءِ چيو. فون تي ڳالهائي، هُو کٽ تي اچي ليٽيو مس تہ ماٺ ٿي ويو. ڪراچيءَ کان آيل سندس ننڍو ڀاءُ صحبت علي بہ گهر ۾ ئي موجود هو جنهن محبت کي سيني تي گهڻائي زور ڏنا ۽ سڏ ڪيا، پر هُو هر سڏ کان گهڻو پري ٿي چُڪو هو محبت ٻرڙو هميشہ لاءِ موڪلائي چڪو هو.

هِن اڻ ملهہ عالم، باڪردار ۽ محنتي ماڻهوءَ جي وفات دل جي دوري سبب، 9 اپريل 1997ع تي، اربع ڏينهن، ٻي وڳي ڏاري پنهنجي گهر ۾ ٿي. سيني گهر ڀاتين، عزيزن، دوستن،

سنگتين ۽ ساٿين لاءِ محبت ٻرڙي جي وفات جي خبر، بيحد ڏکوئيندڙ ۽ جيءَ جنجهوڙيندڙ هئي. محبت ٻرڙي جي مڙهه کي قنبر جي عيدگاهه واري مقام ۾ جاءِ ڏني ويئي. هُو قنبر ۾ جميو قنبر وارن جي خدمت ڪئي ۽ قنبر ۾ ئي دفن ٿيو.

## تعليمي سياسي ڪتاب:

محبت ٻرڙي 1988ع ۾ 'لطيف جي سچڻ' جي فرضي نالن سان سياسي- تنقيدي ادب جو شاندار ڪتاب "جيڪو سچ چوي" لِکي ڇپائي پڌرو ڪيو. ڪتاب ڪرائون سائز ۾ 372 صفحن تي مشتمل هو جنهن ۾ ان وقت جي سنڌ جي متحرڪ سياسي اڳواڻن ۽ سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ مختلف سياسي پارٽين جي سرگرمين جو تنقيدي جائزو ورتل هو. هن ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت جي باري ۾ محبت ٻرڙي مهاڳ ۾ لکيو آهي ته:

> "اسان پنهنجي هِن ڪتاب ۾ به ساڳي پنهنجي اڳواڻ ساٿين واري اصولي رَوَش برقرار رکي آهي ۽ ڪنهن به تنظيم سان ڪابه هٽ ٺوڪي ڳالهه نه ملائي آهي، بلڪ عام ڪارڪنن جي ڳالهه به نه ڪئي آهي. مجيل نمايان اڳواڻن جي انٽرويوئن، مضمونن ۽ ڪتابن تان حوالا ڪٽي بحث ڪيو آهي. اسين انهيءَ اصولي رويي کي برقرار رکڻ جي آئينده به ڪوشش جاري رکنداسين. علمي، ادبي ۽ سياسي فضيلت اها آهي ته فراخدليءَ سان صحيح تنقيد کي قبول ڪيو وڃي ۽ ناجائز تنقيد دليلن سان رد ڪجي." (لطيف ۽ سچڻ، 1988ع: 11، 10)

'جيڪو سچ چوي' سنڌ جي سياست تي جارحانه انداز ۾ لکيو ويو.جيڪو سنڌ جي ساڄاهه وند ۽ لکيل پڙهيل طبقي کي بيحد پسند آيو ۽ اُن بابت مختلف اخبارن، رسالن ۽ روبرو ڪچهرين ۽ محفلن ۾ ذکر به ٿيو ۽ ان جي مجموعي طرح ساراهه ٿيڻ لڳي. سياسي ورڪر نورنبي راهوجو لکي ٿو ته:

> "تنقيدي ڪتاب 'جيڪو سچ چوي' محبت ٻرڙي جي شوخ، اڪابر ذهن جو اعليٰ نمونو ۽ هڪڙو لازوال شاهڪار آهي. هن جي لکڻين جو پنهنجو ڍنگ ۽ اُسلوب هو. هُو جڏهن تنقيد ڪندو هو ته سندس لفظن ۾ دليلن جي چونڊ ڪنهن 'نشتر' کان ڪنهن به طور گهٽ نه هوندي هئي." (راهوجو 2019ع: 177_171)

محبت ٻرڙي کي اهو ڪتاب لکڻ تي عوامي تحريڪ پاران 'علمي محاذ جو سپهه سالار' اوارڊ طور اجرڪ پهرايو ويو. 'جيڪو سچ چوي' جو آخري باب "هٽ وڏايو_ سنڌ بچايو" نالي سان الڳ ڪتابي روپ ۾ 1988ع ۾ ڇپيو. ساڳئي عرصي ۾ ڊاڪٽر محبت جا مٿين ٻن ڪتابن سميت ڪيئي ننڍا ڪتاب ڇپيا، جن ۾ "شهيد فاضل راهو ۽ سندس پارٽي" (1988ع)، "ڇاٽي سجاٽي ويهان ڪيئن مات ڪري" (1988ع)، "سنڌي عوام جو قومي اتحاد ۽ ڪي سازشي" (1988ع)، "سنڌيو سجاڳ ٿيو، سنڌ دشمن ۽ سنڌي دشمن سازشن کان هر گهڙي خبردار رهو" (1989ع) ۽ "سنڌي مار سورما" (1990ع) اهم آهن.

## ادب ۽ صحافت سان ويجهڙائي:

محبت ٻرڙي جي ادبي ۽ صحافتي لکڻين جي ابتدا، گڏوگڏ ٿي. سندس لکڻ ۽ اخبارن، رسالن ۾ ڇپجڻ جي شروعات، ايل.ايم.سيءَ واري زماني ۾ ٿي. جڏهن هو ڄام شوري مان نڪرندڙ رسالن، مخزنن- ’شاگرد پبليڪيشن‘، ’انجيڪشن پبليڪيشن‘ ۽ ’لياقت پبليڪشن‘ ۾ لکندوهو. انهن سڀني مخزنن ۽ رسالن ۾ محبت ٻرڙو ڀهريان طنز مزاح تي لکندو هو بعد ۾ سندس سنجيده ۽ فڪري مضمون ڇپجڻ لڳا. هُو پوءِ 1977ع ۾ ’سنڌي شاگرد پبليڪيشن‘ جو ايڊيٽر بہ مقرر ٿيو ۽ ساڳئي وقت ڄام شوري مان نڪرندڙ مخزن ’انجيڪشن پبليڪيشن‘ جو معاون ايڊيٽر بہ رهيو تہ ان مخزن جو ڪافي عرصي تائين ڪاتب بہ رهيو. سندس شروعاتي لکڻين ۽ رسالن ۾ ڇپجڻ جو ابتدائي زمانو 1973ع کان شروع ٿئي ٿو. 1992ع ۾ جڏهن ڪراچيءَ مان ”جاڳو“ اخبار جاري ٿي، تہ هو قنبر مان ان جو خاص نمائندو مقرر ٿيو ۽ پوءِ باقاعدگيءَ سان ڪالم، مضمون لکڻ شروع ڪيا. رياضت ٻرڙو سندس ابتدائي ادبي ۽ صحافتي سرگرمين بابت پنهنجي ترتيب ڏنل ڪتاب ’محبت جن جي من‘ ۾ لکي ٿو تہ:

> ”ڊاڪٽر محبت ايل.ايم.سي ۾ پڙهڻ دوران مختصر ڪهاڻيون، طنز مزاح، جا ليک ۽ مضمون لکڻ شروع ڪيا. جيڪي ”شاگرد“ پبليڪيشن، ”انجيڪشن“ پبليڪيشن ۽ ايل.ايم.سي جي ”لياقت“ ۽ ٻين مخزنن ۾ ڇپيا. شايد سندس پهرين ڪهاڻي ”ڊاڪٽر“ هئي، جيڪا ايل.ايم.سي جي ساليانی مخزن ”لياقت“ ۾ 74-1973ع ۾ ڇپي، جنهن سان سندس ادبي زندگيءَ جي شروعات ٿي. ڊاڪٽر محبت ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيون، طنز و مزاح جا ليک لکيا ۽ چوند ڪتاب ترجمو ڪيا. ساڳئي وقت هُو ”سنڌي“ پبليڪيشن ڄام شوري جي ائين ۽ نائين ڪڙيءَ جي مرتبن ۾ شامل (اسسٽنٽ ايڊيٽر) ۽ ڇپرائيندڙ (پبلشر) بہ رهيو. اها سندس صحافتي ڪم جي شروعات هئي.“ (ٻرڙو 2017ع: 15)

1977ع ۾ هُو ”سنڌي شاگرد پبليڪيشن“ جو ايڊيٽر ۽ ”انجيڪشن پبليڪيشن“ ڄام شوري جو ٻانهن ٻيلي ۽ ڪاتب رهيو جن ۾ هن قلمي نالن سان ايڊيٽوريل ۽ مضمون لکيا. هُو ”رهبر ڊائجسٽ“ حيدرآباد سان سهڪار بہ ڪندڙ رهيو.

## پبلشنگ اداري جو قيام:

محبت ٻرڙي قنبر ۾ 1978ع ۾ ’ڏاهپ ڪتاب گهر‘ نالي سان هڪ پبلشنگ اداري جو بنياد رکيو جنهن پاران پاڪيٽ سائيز ۾ جنوري 1979ع ۾ هڪ ڪتاب ”مائو زي تنگ“ (ليکڪ: رسول بخش پليجو) ڇپرايو.

## سنڌالاجيءَ ۾ ڪيل اعزازي ڪم:

ٻوليءَ جي جهيڙن ۾ سنڌالاجيءَ جي لائبريريءَ کي باهہ ڏئي ساڙيو ويو تہ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي نگرانيءَ ۾ لائبريريءَ جو ڪم ٻيهر شروع ڪيو ويو. محبت ٻرڙي پنهنجي قنبر

واسي آرٽسٽ دوست منصور عالم 'من' ابڙي سان گڏجي، سچ لئي کان پوءِ رضاڪارانه طور تي ڪيترائي ڪلاڪ روزانو ويهي، پنهنجي خوبصورت اکرن سان ڪتابن جا اعزازي طور ڪيٽلاگ لکيا.

## سنڌي ادبي سنگت قنبر سان وابستگي:

سنڌي ادبي سنگت قنبر شاخ سان محبت ٻرڙي جي ويجهڙائي 1980ع کان رهي، پر هُو سنگت قنبر جو باضابطا ميمبر 1995ع ۾ ٿيو ۽ سنگت قنبر پاران هن "سنڌي ٻوليءَ جا سُر ۽ آواز" موضوع تي ليڪچر ڏنو ۽ "لطيف جو فڪر" ليڪچر ۾ عظيم سومري سان ٻانهن ٻيلي رهيو. هُو سنگت قنبر جي گڏجاڻين ۽ پروگرامن ۾ وقتاً فوقتاً شريڪ ٿيندو ۽ پنهنجون مفيد صلاحون ڏيندو رهيو.

## علمي ۽ تحقيقي ڪمن جي ابتدا:

1992ع ۾ محبت ٻرڙو عوامي تحريڪ مان خارج ٿيڻ کان پوءِ ٻيءَ ڪنهن سياسي پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪرڻ بجاءِ سياسي صورتحال ۽ ڪرنٽ افيئر تي مضمون ۽ ڪالم لکڻ ۽ ترجما ڪرڻ شروع ڪيا ۽ گڏو گڏ انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا جوڙڻ، سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ سائنسي اصطلاحسازي جوڙڻ، سنڌي ٻوليءَ، ان جي لفظن ۽ گرامر تي تحقيق ڪرڻ، علمي ليڪچر ڏيڻ ۽ سماجي ۽ ادبي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. سندس اهي ڪم تمام گهڻا ۽ گهڻ طرفا آهن.

هتي سندس ان تحريري ڪم ۽ سرگرمين تي هڪ محققانه نظر رکڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي:

1. محبت ٻرڙو سچي چمار ان راءِ جو رهيو ۽ ان تي عمل به ڪندو رهيو ته جيڪو ڪجهه به پاڻ کان عملي ۽ علمي ڪم ٿي سگهي ٿو سو اوس ڪرڻ گهرجي. ان عزم هيٺ هِن 'انسائيڪلوپيڊيا' بابت هڪ تفصيلي تعارفي مضمون بعنوان 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا' لکيو ۽ مواد سهيڙڻ لاءِ نه صرف رٿابندي ڪئي، پر ڪم جي شروعات ڪندي "مواد سهيڙيو مهم" هيٺ لسٽون جوڙڻ پڻ شروع ڪيون. انهن لسٽن ۾ "ذاتيون ۽ ديهون"، "پسون، راڳ سان ڳهه، زيور، ڀرت جو نمونو ۽ ڪپڙو"، "وڻ ٻوٽا، ڀاڄيون، گاهه، پرزا ۽ اوزار" ۽ "ليڪڪ" جون لسٽون شامل آهن، جيڪي 'الف' اکر تائين مڪمل ڪيون هيون. هن انهن عنوانن هيٺ مواد سهيڙڻ جي پوري ترتيب پيش ڪئي.

ياد رهي ته ان وقت تائين سنڌ جي ڪنهن به اداري ان رٿا جي نه ئي پلاننگ ڪئي ۽ نه ئي ان رٿا تي ڪم شروع ڪيو هو. سندس 'لطيف ڪلينڪ'، جيڪا اڳ ئي ڪلينڪ گهٽ ۽ لکڻ جي آفيس وڌيڪ لڳندي هئي. علمي، ادبي ڪتابن، رسالن ۽ انگريزي توڙي سنڌي ڊڪشنرين ۽ انگريزي ۾ لکيل انسائيڪلوپيڊيائن سان سٽجي وئي.

ان ڪم دوران محبت ٻرڙي کي سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي اصطلاح سازيءَ جي پڻ سخت ضرورت محسوس ٿي. جنهن کان سواءِ هن انسائيڪلوپيڊيا جو ڪم اڻپورو ڀانيو پئي، ان ڪري هن لسٽون جوڙڻ دوران اصطلاح سازيءَ جو ڪم به هٿ ۾ ڪنيو. ان سلسلي

۾ سندس ٻه اهم مقالا 'ٻول گهاڙيتو' ۽ 'سنڌيءَ ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاح سازي' انتهائي اهم آهن. اهو سمورو تحقيقي ڪم، سندس ڪتاب "انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا" (1998ع) ۾ سهيڙيو ويو آهي.

انسائيڪلوپيڊيا جي حوالي سان رياضت ٻرڙو ڪتاب "انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا" جي پيش لفظ ۾ لکي ٿو ته:

"ڊاڪٽر محبت 1991ع ۾ انسائيڪلوپيڊيا تي ڪم شروع ڪيو پر پوءِ کيس محسوس ٿيو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ انسائيڪلوپيڊيا ڏيڻ لاءِ ضروري آهي، ته سائنسي ۽ فني اصطلاحسازي ٻه سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود هجي. ان گهُرج کي منهن ڏيڻ لاءِ ڊاڪٽر محبت "ٻول گهاڙيتو" ۽ "سنڌي ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحسازي" مقالا لکيا." (ٻرڙو 1993ع: 4)

انهن مقالن ۾ هُن سنڌي ٻوليءَ ۾ اصطلاحسازي ڪرڻ ۽ لفظ گهڙڻ لاءِ بنيادي رستا ٿاهيا. هن 'ٻول گهاڙيتو' مضمون ۾ 50 مختلف موضوعن جي اصطلاحن جا سيٽ ٺاهي پيش ڪيا، ۽ ٻئي مضمون 'سنڌيءَ ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحسازي' ۾ سنڌي اصطلاحن لاءِ انگريزي توڙي فارسي ۽ سنڌي ترتيبن تي بحث ڪيو ۽ پنهنجي راءِ دليلن سان رکي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي گڏڻ کي پڻ نروار ڪيل هو. انهن ٻنهي مضمونن ۾ محبت ٻرڙي سنڌي لفظن جي ٻُڻ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪئي. هيءَ انتهائي اهم وِک هئي، جيڪا محبت ٻرڙي کنئي هئي، ڇاڪاڻ ته ان ئي وِک کيس سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ڪرڻ لاءِ مائل ڪيو ۽ هن "ٻول جو ٻُڻ" (2007ع) ۽ "ٻوليءَ جو ٻڌُ" (2002ع) ڪتابن تي ڪم شروع ڪيو.

ڊاڪٽر شمس الدين عرسانيءَ پنهنجي هڪ مقالي "سنڌي زبان ۾ فني اصطلاحسازي ۽ محبت ٻرڙي جون "لساني مهارتون" ۾ لکيو آهي ته:

"ڊاڪٽر محبت، سنڌي لغت نويسي ۽ لسانيات ۾ هڪ انوکي وصف جي بِنا (ابتدا) وِڌي، جيڪا مغرب جي فني روايت تي ٻڌل هڪ نئين لساني تحقيق هئي. اسان جا سنڌي نصاب نويس آڳاٽي دور کان ئي علمي اظهار واسطي ضرورت وقت نوان اصطلاح ضرور گهڙيندا هئا، جن جو بنياد يا ته نِج سنڌي مادن مان نوان لفظ گهڙڻ تي ٻڌل هو يا ته وري نئين معنيٰ جي بدل واسطي ڌاري لفظ کي هوبهو اختيار ڪيو ويندو هو پر ان تجربي جو دائرو بلڪل محدود هو. اصطلاحسازيءَ واسطي باقاعدي ڪنهن فني واٽ کي ڊاڪٽر محبت ٻرڙي کان اڳ ڪنهن ٻه عالم مطالعي هيٺ ڪونه آندو هو." (عرساڻي، 2017ع: 61)

پروفيسر ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي وڌيڪ لکي ٿو ته:

"محبت ٻرڙي لفظ جي نِج مادي کي ڳولي، اُن مان ٺهڪندڙ ترتيب سان اسم، فعل ۽ صفتون جوڙي ڏيکاريون، جيئن واحد لفظي ترڪيب مان

هڪدم پورو علمي مفهوم واضح ٿئي. اِها ئي ڳالهہ سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي علم جي اٽُتر تقاضا پڻ هوندي آهي. ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي سائنسي اصطلاحن جي گهڙاوتن ۾ بہ ڪڏهن بہ ڪنهن نصابي اداري قابل اعتبار (توجهہ) سمجهي ڌيان نہ ڏنو.“ (حوالو ساڳيو 61_60)

محبت ٻرڙي جي سائنسي ۽ فني اصطلاحسازيءَ سميت سنڌي لفظن جي ڌاتن ۽ انهن جي اصليتن تي ڪم ڪرڻ واري صلاحيت ڪي بيان ڪندي پروفيسر ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو لکي ٿو تہ:

”محبت ٻرڙو لفظ جي پوري معنيٰ ۽ احساس جو ادراڪ رکندڙ هو. هُو سنڌي لغت جو باقاعدي استعمال ڪندي لفظن ۽ اصطلاحن جي معنيٰ ۽ روح تائين پهچڻ جي اهليت رکندڙ هو. هن کي سنڌي لفظن جي اشتقاقن ۽ ڌاتن تي دسترس حاصل هئي. اهڙيءَ طرح هُو ان لائق هو تہ مختلف علمن بابت لفظن ۽ اصطلاحن لاءِ سنڌيءَ ۾ نوان لفظ ۽ اصطلاح گهڙي سگهي، تنهنڪري ڪيس سنڌيءَ جو ليڪسيڪالاجسٽ چئجي تہ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو. ليڪسيڪالاجسٽ جو مطلب آهي- لفظ جي گهاڙيٽي جو اڀياس ڪري، پس منظر، تاريخ ۽ معنيٰ چاٽيندڙ.“ (ٻگهيو 2017ع: 49)

2. ان دوران ئي هُن ايم.ايڇ پنهور جا سائنس، تاريخ ۽ ٻوليءَ بابت لکيل تحقيقي ڪتاب ۽ مقالا ترجمو ڪرڻ شروع ڪيا. اهي مقالا، هڪ ڪتاب ”آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي“ (2010ع) ۾ سهيڙيا ويا آهن. محبت ٻرڙي خاص طور ايم.ايڇ پنهور جي ڪتابن ”ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ“ (انگريزي) ۽ ”اي سورس متيريل آن سنڌ“ (انگريزي) جا ترجما پڻ ڪيا. محبت ٻرڙي ڪي هڪ جنون هو جيڪو سنڌي علم ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ جي محبت سان سلهاڙي چڪو هو هن وس پڳي علمي ۽ تحقيقي ڪم سنڌي ٻوليءَ ۾ آڻڻ پئي چاهيو. هُن سنڌي ٻوليءَ جي سٽاءَ ۽ سنڌي لفظن جي باطن ۽ جوڙجڪ کي سمجهي ورتو هو. ان جو اظهار سندس مضمونن ۽ مقالن مان بہ جابجا نظر اچي ٿو.

3. محبت ٻرڙي جي ’لطيف ڪلينڪ‘ توڙي قنبر ۾ ٻين هنڌن تي ٿيندڙ ڪچهريون پڻ علمي نوعيت جون هونديون هيون، جن مان حاضر دوست بيحد پرائيندا هئا، پر ان باوجود محبت ٻرڙي سائنسي، علمي، ادبي ۽ سماجي موضوعن تي بہ ليڪچر ڏيڻ جو سلسلو پڻ جاري رکيو. اهي ليڪچر هن جيالاجيءَ، فزڪس، آرڪيالاجيءَ، ادب، ٻوليءَ، انساني حقن ۽ ٻين موضوعن تي بہ ڏنا.

ان کان سواءِ محبت ٻرڙي ٻولي ماهر پروفيسر ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهئي جي ٻن تحقيقي مقالن جو ترجمو پڻ ڪيو.

4. محبت ٻرڙي شاگردن لاءِ سنڌيءَ ۾ هڪ ڪتاب ’ڌرتي منهنجو گهر‘ (2009ع) پڻ لکيو. هن قولن ۽ چونڊ چوٽين تي آڌريل هڪ ڪتاب ”ڪوٽيشنس“ (انگريزي) جي ڪجهہ حصن جو ترجمو پڻ ڪيو. ’ڌرتي منهنجو گهر‘ ڪتاب ۾ محبت ٻرڙو لکي ٿو تہ:

" هيءَ ڪتاب، انهي نيت سان لکيو ويو آهي تہ نہ رڳو هوشيار شاگرد پاڻ سمجهن پر اهي وڏڙا جيڪي پنهنجي ايندڙ نسل کي علمي ۽ سائنسي سمجهہ سان مالامال ڪرڻ گهرن ٿا، پاڻ پڙهن، پنهنجن ٻارڙن کي سولائيءَ سان سمجهائي سگهن." (محبت، 2017ع: 11)

ٻئي طرف محبت ٻرڙي علم الانسان (اينٿروپالاجي)، ثقافت، سوشيالاجيءَ، جاگرافيءَ ۽ ٻين موضوعن تي مضمون پڻ لکيا، جن مان ڪجهہ مضمون سندس ڪتاب "ماڻهوءَ ماڻهپو" (1999ع ۾ ڇپيل) ۾ سهيڙيا ويا آهن. هن روزاني "ڊان" ۾ ڇپجندڙ راندين جي طرز تي سنڌي ۾ 'لفظ ڳوليو' ۽ 'آرپار لفظ' رانديون پڻ ٺاهيون ۽ ڇپرايون.

مختصر طور ڄاڻايل انهن علمي ڪمن سميت محبت ٻرڙي سنڌ جي سياسي ۽ سماجي صورتحال بابت ڪيئي سياسي مضمون ۽ تجزيا لکيا ۽ چوندَ مضمون ترجمو پڻ ڪيا، جيڪي مختلف روزاني اخبارن، خاص ڪري "جاڳو"، "عوامي آواز" ۽ "هلال پاڪستان" ۾ ڇپيا. انهن مضمونن ۾ هُن سنڌ دوست موقف ۽ سنڌ جو سياسي ڪيس پيش ڪيو. هُن ڪيترن ئي ليکڪن جي تحريرن کي پڻ سڌاريو ۽ سنواريو. سندس خوبصورت هٿ اکرن ۾ رياضت ٻرڙي جو سهيڙيل ڪتابڙو "سائنسي ڄاڻ" (1994ع) پڻ ڇپيو.

5. محبت ٻرڙو ايل.ايم.سي ۾ پڙهڻ کان وٺي گهر ڀاتين ۽ دوستن ڏانهن انيڪ خط لکيا. جيڪي "محبت جا خط" عنوان سان 2016ع ۾ ڇپيا. ڪتاب 'محبت جا خط' جي 'پيش لفظ' ۾ مرتب لکي ٿو تہ:

"هن ڪتاب ۾ اهي سمورا ميسر خط ڇاپي پڌرا ڪيا آهن، جيڪي ڊاڪٽر محبت ٻرڙي لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄام شوري ۾ 1972ع کان 9- اپريل 1997ع تي قنبر ۾ سندس وفات تائين لکيا. هِن ڪتاب ۾ سمايل آهن. هنن خطن کي پڙهنديءَ ماڻهو ڄڻ تہ اُن 25- ورهين واري دور مان، ڊاڪٽر محبت جي جذبن، احساسن، خيالن ۽ سرگرمين کان آگاهہ ٿئي ٿو ۽ ڄاڻي وٺي ٿو تہ ڪهڙيءَ ريت ڊاڪٽر محبت جي سوچن جي اوسر ٿي آهي." (ٻرڙو 2016ع: 4)

محبت ٻرڙي پنهنجي مختصر 45 سالن واري زندگيءَ ۾ سياسي، علمي ۽ ادبي سفر دوران، انيڪ شاگرد ۽ دوست ٺاهيا، جن مان ڪيترائي سنڌ، سنڌين ۽ انسانيت جي واڌاري لاءِ مسلسل پتوڙي رهيا آهن.

## فرضي ۽ قلمي نالا:

محبت ٻرڙي مختلف قلمي توڙي اصلي يا فرضي نالن سان لکيو. تن ۾ هيٺيان نالا شامل آهن: محبت، محبت علي، م.ع، ساجد، ساجد اجيد، سجاد قنبروي، قنبروي، لطيف، سڄڻ، سڄڻ ٻرڙو، مهراڻ مگسي ۽ محبت ٻرڙو. انهن نالن مان علمي ۽ تحقيقي مقالن ۾ 'محبت ٻرڙو' نالو استعمال ڪيو. سندس وفات کان پوءِ محبت ٻرڙي جا جيڪي ڪتاب سهيڙي ڇپرايا ويا آهن، تن تي سندس نالو "ڊاڪٽر محبت ٻرڙو" لکيو ويو آهي.

## ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي:

9ـ اپريل 1997ع تي محبت ٻرڙي جي وفات کان پوءِ سندس ويجهن دوستن ۽ شاگردن، سندس ياد ۾، "کيرٿر سائنس اڪيڊمي" جو نالو تبديل ڪري "ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي" رکيو جنهن جي منشور ۾ هڪ نُڪتو ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي ڪيل ڪمن کي وڌائڻ ۽ ويجهائڻ به شامل آهي.

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي جي قيام بابت رياضت ٻرڙو 'قنبر: هڪ اڀياس' ۾ لکي ٿو ته:

> "ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ 'کيرٿر سائنس اڪيڊمي قنبر' جي جنرل باڊيءَ جي هنگامي گڏجاڻي 25ـ اپريل 1997ع تي علي خان، قنبر ۾ ٿي، جنهن ۾ رياضت ٻرڙي، ستار هَڪڙي، خادم رند، مجيد منگيءَ، دين محمد ڪلهوڙي، پائو درمحمد ٻرڙي ۽ گوتم جيسواڻيءَ شرڪت ڪئي. گڏجاڻيءَ جي صدارت رياضت ٻرڙي ڪئي. گڏجاڻيءَ ۾ متفقہ راءِ سان 'کيرٿر سائنس اڪيڊميءَ' جو نالو بدلائي 'ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي' رکيو ويو ۽ شريڪ ستن ئي رڪنن کي نئين قائم ڪيل 'اڪيڊميءَ' جو رڪن تسليم ڪري، نئين سر عهديدار ۽ ڪاروباري ڪميٽيءَ جا ميمبر چونڊيا ويا، جيڪي هن ريت هئا:
>
> جنرل سيڪريٽري: رياضت ٻرڙو
>
> جوائنٽ سيڪريٽري: خادم رند
>
> لائبررين ۽ فنانس سيڪريٽري: ستار هَڪڙو
>
> ميمبر ڪاروباري ڪميٽي: پائو درمحمد ٻرڙو مجيد منگي ۽ دين محمد ڪلهوڙو." (ٻرڙو 2006ع: 756ـ755)

اڪيڊميءَ پاران محبت ٻرڙي جو چاليهو 25ـ مئي 1997ع تي منعقد ڪيو ويو. ان موقعي تي سندس لکيل تعارفي بُڪ ليٽ ڇپرائي وئي. اڪيڊمي هر سال اپريل مهيني ۾ سنڌ سطح تي محبت ٻرڙي جي ورسي منعقد ڪري ٿي. اُن موقعي تي محبت ٻرڙي جو نئون ڪتاب پڻ ڇپرائي پڌرو ڪري/ ڪرائي ٿي. اڪيڊميءَ پاران 2002ع کان وٺي ورسيءَ جي موقعي تي علمي، ادبي ۽ سماجي شعبن ۾ ڪم ڪندڙ نمايان شخصيتن کي "ڊاڪٽر محبت ٻرڙو اوارڊ" پڻ ڏنا وڃن ٿا.

## محبت ٻرڙي جا وفات کان پوءِ طبعزاد ۽ ترجمو ڪيل (ڇپيل) ڪتاب:

1. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا (1998ع)، مقالا، مضمون ۽ علمي خط)
2. ماٺهو ۽ ماٺهپو (1999ع مقالا ۽ مضمون)
3. اچو تہ پنهنجي سنڌ کي لکت سنواريون (2000ع، مقالا ۽ مضمون)
4. يادون ۽ سُڪون (2001ع انٽرويو ڪهاڻيون طنز و مزاح ۽ ننڍا ايل ناول)
5. ٻوليءَ جو بُڻ (2002ع، تحقيقي ڪتاب)

6. سنڌي ٻولي: لفظ، لغت ۽ لکيت (2003ع، مقالا ۽ مضمون)
7. شعور (پهرين ڇاپو 2004ع، ٻيو ڇاپو 2008ع ۽ ٽيون ڇاپو 2014ع)
8. موسيٰ کان مارڪس تائين (پهريون ڀاڱو 2005ع، ترجمو: ليکڪ: سبطِ حسن، مڪمل ڪتاب 2010ع ۾ ڇپيو.
9. سنڌ: حڪمران ايم.ڪيو.ايم ۽ سنڌي عوام (2006ع سياسي مضمون)
10. ٻول جو ٻڻ (2007ع، تحقيقي ڪتاب)
11. جدلي ماديت جا بنيادي اصول (2008ع ترجمو: ليکڪ: اي اسپرڪن ۽ او.ياخوت)
12. ڌرتي: منهنجو گهر (2009ع، سائنسي معلوماتي ڪتاب)
13. آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي (2010ع، ترجمو: ليکڪ: ايم.ايڇ پنهور)
14. ڏاهپ جو جنم (2011ع، ترجمو: رياضت سان گڏ)
15. فلسفو: هڪ مطالعو (2012ع، ٻه ننڍا ڪتاب گڏ)
16. ضميري پڇاڙيون (2013ع، تحقيقي- تنقيدي مقالو)
17. آهنجي ڌرتي (2014ع، ترجمو ڪيل سياسي مضمون)
18. فطرت، سائنس ۽ سماج (2015ع، سماجي ۽ سائنسي مضمون)
19. محبت جا خط (2016ع لکيل خط)

## محبت ٻرڙي جي لکيل مواد جي فهرست:

(1) 'ڊاڪٽر' (ڪهاڻي)، ساليانو "لياقت مخزن" ڄامشورو 1973_1974ع
(2) 'حال حبيبان' (ايڊيٽوريل) "سنڌي پبليڪيشن 'رڻ جا راهي'"، جنوري ۽ مارچ 1974ع
(3) 'ڪتو' (ڪهاڻي)، (قلمي نالو: اجيد ڪماريو)، "سوجهرو"، اپريل 1974ع، (ٻيهر "سنڌي پبليڪيشن"، مئي 1974ع).
(4) 'بڪواس' (طنز و مزاح)، "شاگرد"، آگسٽ 1974ع
(5) 'ڪتان کان ڪتي' (ڪهاڻي) "شاگرد"، جنوري 1975ع
(6) 'آزادي' (طنز و مزاح)، "شاگرد"، فيبروري 1975ع
(7) 'يادون ۽ سڪون' (ڪهاڻي)، "شاگرد"، اپريل 1975ع
(8) 'هڪ انسان' (ڪهاڻي)، "شاگرد"، مئي 1975ع
(9) 'تلهي ٽيڻ لاءِ نسخي جي ڳولا' (ڪهاڻي)، "شاگرد"، سيپٽمبر 1975ع
(10) 'نيڪي' (ڪهاڻي)، "شاگرد"، ڊسمبر 1975ع
(11) 'ڊينڊڙو ماٺهو' (ڪهاڻي، ترجمو: چائو شو)، ماهوار "شاگرد" حيدرآباد، ڊسمبر 1975ع
(12) 'بهترين بوٽ' (ڪهاڻي)، ڊسمبر 1975ع
(13) 'انقلاب' (ناول، ننڍايل ترجمو، جارج آرويل) (قلمي نالو: سجاد قنبروي) ماهوار "سنڌي ڊائجيسٽ" حيدرآباد، جنوري ۽ فيبروري 1976ع (ٻن قسطن ۾ ڇپيل)
(14) 'سخاوت ڳچيءَ پئجي وئي' (ڪهاڻي)، "شاگرد"، فيبروري 1976ع

(15) 'اڄ جا سورهيہ' (ڪهاڻي)، "هلال پاڪستان"، 12 جولاءِ 1974ع (قلمي نالو: ساجده نسرين)

(16) 'سنجيدگي سان- چپڙا ڍُڪها ڪيو' (ڪهاڻي، ترجمو: شفيق الرحمان) "شاگرد"، فيبروري 1976ع (قلمي نالو: سجاد قنبروي)

(17) 'منگهڻ' (ڪهاڻي)، "لطيف مخزن" چار شورو 1975_1976ع

(18) 'اُٺي رائو ريل، وينلن تان واري وري' (انٽرويو)، "سنڌي شاگرد" پبليڪيشن (ٻيو ڪتاب)، 1978ع

(19) 'سنڌڙي جو سوڳنڌ.... مرنداسين پر مرڪنديٍ' (خط)، (پبليڪيشن نامعلوم)، 1978ع

(20) 'نوجوانن جي تحريڪ' (ترجمو: مائو زي تنگ، قلمي نالي "سچڻ ٻرڙو" سان ڇپيل)، "سنڌي شاگرد" پبليڪيشن، 1978ع (؟) (ڪتابي روپ ۾ 20 صفحن تي پڻ ڇپيل، ڇپائيندڙ: ملير ادبي اڪيڊمي ڪراچي، فيبروري 1984ع)

(21) 'قومي گڏيل محاذ' (ترجمو: مائو زي تنگ، قلمي نالي "سچڻ ٻرڙو" سان ڇپيل). ڏرتي پبليڪشن، 10 مئي 1978ع (ٻيهر: ڪتاب "مائو زي تنگ جا مضمون"، مئي 1982ع)

(22) 'چوندون، سنڌ، ڌوهي- رسول بخش پليجو' (قلمي نالو: مهراڻ مگسي) پرهہ ڦٽي پبليڪيشن سکر (ڪڙي نمبر 8)، 1988ع

(23) 'قاتل بهاري سنڌ مٿان ڪاهيندا پيا اچن' (پمفليٽ)، پاران: عوامي نيشنل پارٽي لاڙڪاڻو

(24) 'سائنس ۽ سائنسي سوچ' (ايڊيٽوريل)، "سائنسي سوچ"، سيپٽمبر 1990ع (ڪتاب "فطرت، سائنس ۽ سماج" (2015ع) ۾ ڇپيل)

(25) 'سچ' (مضمون، رياضت سان گڏ)، "سائنسي سوچ"، سيپٽمبر 1990ع، (ڪتاب "فطرت، سائنس ۽ سماج" (2015ع) ۾ ڇپيل)

(26) 'فاضل جيڪڏهن سنڌ اسيمبليءَ ۾ هجي ها تہ'، "جاڳو"، ۽ "عوامي آواز"، 17 جنوري 1991ع

(27) 'محمود غزنوي جون ڪاهون' (ترجمو: پروفيسر عزيزالدين احمد)، "جاڳو"، 4 جولاءِ 1991ع

(28) 'محمود غزنوي جي پنجاب تي ڪاهہ' (ترجمو: پروفيسر عزيزالدين احمد)، "جاڳو"، 22_ جولاءِ 1991ع

(29) 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا'، "هلال پاڪستان"، 16_ آگسٽ کان 27 سيپٽمبر 1991ع تائين (ڇهن قسطن ۾)

(30) 'نگران وزيراعظم آڏو عوام جو ڪيس'، "جاڳو"، 26_ آگسٽ 1991ع

(31) 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا_ مواد سهيڙيو مهم' "جاڳو" 28_ نومبر 1991ع

(32) 'ڌوهي ڪير_ تعليم ڪاتو آءِ.بي.اي ڪراچي يا شاگرد؟' "جاڳو" 2_ ڊسمبر 1991ع

(33) 'ماٺهو ۽ ماٺپو'، "عبرت مئگزين"، 1_15، جنوري 1992ع

(34) 'سنڌ جو سورهيہ پُٽ شهيد فاضل'، "جاڳو"، "عوامي آواز" ۽ "الوحيد" ۾ 17 جنوري 1992ع تي ڇپيل

(35) 'سنڌ ۾ موجود ڌارين جون لوڏون ۽ پوڙي سرڪار جي خاموشي'، "جاڳو"، 24 جنوري 1992ع

(36) 'ڏکھو پنڌ- چانگ چينگ- لانگ مارچ' (ترجمو: ايڊگر سنو)، "سنڌو"، 30 جنوري، 25 فيبروري 1992ع (چئن حصن ۾)

(37) 'سنڌ جي تاريخ ۾ وڏيرا شاهيءَ جو منفي ڪردار'، "جاڳو"، 12 فيبروري 1992ع (ٻيهر ڇپيل: هفتيوار "چٽنگ" حيدرآباد، اپريل 1998ع، عنوان 'وڏيرا شاهي')

(38) 'سنڌ معاملن جي حقيقي صورتحال ڇا آهي؟'، (ترجمو: اقبال جعفر)، "عوامي آواز"، 26-27 فيبروري 1992ع (ٻن قسطن ۾)

(39) 'سوويت يونين کان پالهي ڌرتي' (ترجمو: مشتاق احمد)، "جاڳو"، پهرين مارچ 1992ع

(40) 'آيت الله جو پوٽ'، (ترجمو: فريڊ هاليڊي)، "عوامي آواز، 3 مارچ 1992ع

(41) 'ڪٺناڀا ايڪٺل رهڻ جي اميد رکي ٿو'،(ترجمو:محمد اظهر علي خان)،"الوحيد"، 5 مارچ 1992ع

(42) 'سوويت يونين کان پوءِ دنيا ڪٿي بيٺي آهي؟'، "جاڳو"، 8 مارچ 1992ع

(43) 'جمهوريت' (ننڍايل ترجمو)، "عبرت مئگزين"، 15 مارچ 1992ع

(44) 'روايت اڄا جيئي پئي' (ترجمو)، "جاڳو" 20 مارچ 1992ع

(45) 'ماسڪو ۾ ڏپ ۽ ڀُل' (ترجمو: ليکڪ: جوناٿن اسٽيل)، "جاڳو" 5 اپريل 1992ع

(46) 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا (ليکڪ)، "آفتاب"، 14 اپريل 1992ع

(47) 'لفظ ڳوليو'(1)، "سنڌو" 15- 21 اپريل 1992ع

(48) 'ڪامورا شاهي ۽ بيوس عوام'، "عوامي آواز"، 15 اپريل 1992ع

(49) 'لفظ ڳوليو'(2)، "سنڌو"، 22-28 اپريل 1992ع

(50) 'لفظ ڳوليو'(3)، "سنڌو"، 29- اپريل- 5 مئي 1992ع

(51) 'مهانگائي- يلتسن لاءِ مسئلو' (ترجمو: چارلس ڦئسٽ اداد)، "جاڳو"، 30 اپريل 1992ع

(52) 'لفظ ڳوليو'(4)، "سنڌو"، 6-12 اپريل 1992ع

(53) 'آرپار لفظ- سادي ڳجهارت(5)، "سنڌو"، 13-19 مئي 1992ع

(54) 'احمد شاهه ابداليءَ جون سنڌ تي ڪاهون' (ترجمو: پروفيسر عزيزالدين احمد)، "جاڳو"، 15 مئي 1992ع

(55) 'احمد شاهه ابداليءَ جون سنڌ تي ڪاهون' (ترجمو: پروفيسر عزيزالدين احمد)، "الوحيد"، 19 مئي 1992ع

(56) 'آرپار لفظ- ٻاراٽي ڳجهارت'(1) "سنڌو"، 20-26 مئي 1992ع

(57) 'آرپار لفظ- ٻاراٽي ڳجهارت'(2)، "سنڌو"، 27 مئي، 2 جون 1992ع

(58) 'سنڌين جو نئون سياسي اڳواڻ' (قلمي نالو "مهراڻ مگسي")، "جاڳو"، 23 جون 1992ع

(59) 'آرپار لفظ- ٻاراٽي ڳجهارت'(5)، "سنڌو"، 24 جون 1992ع

(60) 'حياتي ڪھڙن ڪمن ۾ گذريو وڃي'، "جاڳو" 26 جون 1992ع (ٻيهر "سائنسي سوچ"، مئي 2010ع ۾ ڇپيل).

(61) 'آرپار لفظ- ٻاراٽي ڳجهارت'(6)، "سنڌو"، 1 جولاءِ 1992ع

(62) ’سنڌ ۾ چور- ڪڌا ۽ خطرا‘ (ترجمو: آء.اي رحمان)، ”جاڳو“ 7_8 جولاءِ 1992ع
(63) ’رڍن جي ماٺ‘ (ترجمو: شفقت اي خان)، ”جاڳو“ 26 جولاءِ 1992ع
(64) ’سنڌ ۾ للڪار‘ (ترجمو: سينيٽر پروفيسر خورشيد احمد)، ”جاڳو“ 16 ۽ 21 آگسٽ 1992ع (ٻن قسطن ۾)
(65) ’اهنجي ڌرتي سُورهه ساري ٿي‘ (ترجمو: سليم احمد خان)، ”جاڳو“، 19 آگسٽ 1992ع
(66) ’شهاب الدين غوريءَ جي هندستان تي ڪاهه‘ (ترجمو: پروفيسر عزيزالدين احمد)، ”جاڳو“، 3 سيپٽمبر 1992ع
(67) ’ڳڻاڻل پاڪستاني‘، ”جاڳو“، 3_6 ڊسمبر 1992ع (چئن قسطن ۾)
(68) ’ڏاهپ جي ڏيهه مان‘ (ترجمو)، ”الوحيد“، 12 ڊسمبر 1992ع
(69) ’پاڪستان ۾ نسلائپ جون پاڙون‘ (ترجمو)، ”جاڳو“، 12 ڊسمبر 1992ع
(70) ’ڳترپٽو: هڪ قوم خلاف‘، ”جاڳو“، 13 ڊسمبر 1992ع
(71) ’پاڪستان ۾ سنڌ جي معاشي ڦُرلٽ‘، (ترجمو: ليکڪ: ايم.ايڇ پنهور)، ”جاڳو“، 25_26 جنوري 1993ع (ٻن قسطن ۾)
(72) ’سنڌ جي صورتحال جا بنياد‘ (ترجمو: ليکڪ: ايم.بي نقوي)، ”جاڳو“، 13 فيبروري 1993ع
(73) ’اوپرا همبستر‘ (ترجمو: ليکڪ: مزدڪ)، ”جاڳو“ 14 فيبروري 1993ع
(74) ’اختلاف ۽ اتفاق جو مدار ذهنيت تي آهي‘، ”جاڳو“، 20_ 21 فيبروري 1993ع
(75) ’اڇو ته ”ڌرتي“ ناهيون ۽ ان کي وڏيون‘، ”سائنسي سوچ“، مارچ 1993ع (ڪتاب ”ڌرتي: منهنجو گهر“ جو هڪ باب)
(76) ’قنبر ميونسپل ڪاميٽي بحران ۾ ڇو؟‘ (رپورٽ)، ”جاڳو“، 14 اپريل 1993ع
(77) ’اڇو ته ٿوري همت ڪيون‘، ”جاڳو“ 8 سيپٽمبر 1993ع
(78) ’پاڪستان ۾ جمهوري قدرن کي پائدار ڪيئن بڻائجي؟‘ ”جاڳو“، 25_26 سيپٽمبر 1993ع (ٻن قسطن ۾)
(79) ’جامع سنڌي لغات جو جائزو: پهرين جلد جي حوالي سان پهرين پڙهٽي‘، ”جاڳو“، 8 آڪٽوبر 1993ع کان قسطوار ڇپيل. (مڪمل مقالو ”ڪينجهر“، ڊسمبر 1993ع ۾ ڇپيل)
(80) ’سنڌ جي مکيه ثقافتي واقعن ۽ راڄن جو اتهاس‘، (ترجمو: ايم.ايڇ پنهور)، ”ڪونج“، نومبر 1993ع (”ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ“ جو هڪ حصو)
(81) ’موريا ۽ سنڌ ۾ ٻڌمت جي آڇپ‘، (ترجمو: ايم.ايڇ پنهور)، ”ڪونج“، ڊسمبر 1993ع (ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ“ جو هڪ حصو)
(82) ’ٻول گهاڙيتو‘ ”سائنس“، ڊسمبر 1993ع
(83) ’باختري يوناني ۽ ثقافتي ڏي- وٺ‘، (ترجمو: ايم.ايڇ پنهور)، ”ڪونج“، جنوري 1994ع (”ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ“ جو حصو)
(84) ’سنڌ ۾ ڳوناٺي مفلسي‘، (ترجمو: ايم.ايڇ پنهور)، ”جاڳو“، 25_26 جنوري 1994ع

(85) 'عورتن سان جنسي زيادتيون'، (ترجمو: فرح تاز زيدي)، "عبرت مئگزين"، 1 ـ 15 فيبروري 1994ع (قسط پهرين) ۽ 'جنسي هراسپ'، 15ـ28 فيبروري 1994ع (آخري قسط)

(86) 'هر هڪ لفظ هيري ڪاڻ'، "ڪينجهر"، مارچ 1994ع

(87) 'ضميري پڇاڙي ۽ صحيح سنڌي ٻولي'، "مهراڻ"، 1ـ2 1994ع، (پيهر ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون" (جلد II ۾ ڇپيل)

(88) 'پاڪستان کي ڏوهارين جو ڪيت نہ ناهيو'، "برسات"، 17 مارچ 1994ع

(89) 'سنڌي ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحسازي ـ مختصر جائزو'، "سائنس"، اپريل 1994ع

(90) 'پي.اين.اي ـ تحريڪ جي ابتدا ۽ انت'، ((ترجمو. ليکڪ: منير احمد)، "برسات" 1 اپريل 1994ع

(91) 'مددگار جٿو ـ سي.آءِ.اي'، (ترجمو. ليکڪ: حسن مجتبيٰ ۽ اوڙي صديقي)، "برسات"، 11 اپريل 1994ع

(92) 'رياست جي بُڻ بنياد بابت نظريا'، "ڪينجهر"، مئي 1994ع

(93) 'سنڌ ۾ راءِ اڇوڪي ۽ ٻوڌي اقتدار جو انت'، (ترجمو: ايم.ايچ پنهور)، "ڪونج"، جون 1994ع ("ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ" جو هڪ باب)

(94) 'اميہ راڇوڪي 669ـ749ع ۽ سنڌ تي برهمڻ حڪمراني'، (ترجمو: ايم.ايچ پنهور)، "ڪونج"، جولاءِ 1994ع ("ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ" جو هڪ باب)

(95) '39ـ مسڪين پاڪستاني، جن پرڏيهہ ۾ علاج ڪرائڻ لاءِ پرڏيهي مٽا سٽا واري ناڻي جي صورت ۾ 18 ڪروڙ پاڪستاني رپيا خرچ ڪيو'، (ترجمو)، "ڪونج"، جولاءِ 1994ع

(96) 'سنڌ تي عرب سوپ'، (ترجمو: ايم.ايچ پنهور)، "ڪونج"، آگسٽ ـ سيپٽمبر 1994ع، ("ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ" جو هڪ باب)

(97) 'سنڌ ۾ زرعي ـ آبهوائي علائقن بابت نئين سوچ'، (ترجمو. ليکڪ: ايم.ايچ پنهور)، "برسات"، 24 سيپٽمبر 1994ع

(98) 'اوڙاهہ ـ تاريخي ناول جو نئون روپ' (اپياس)، "عبرت مئگزين"، 1 نومبر 1994ع

(99) 'سنڌ جا شهر ۽ وسنديون'، (ترجمو. ليکڪ: ايم.ايچ پنهور)، "ڪونج"، نومبر ـ ڊسمبر 1994ع ۽ اپريل 1995ع (ٻن قسطن ۾)، (ڪتاب "آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي" (2010ع) ۽ "قديم سنڌ جي تاريخ"، (2011ع) مرتب: نوراحمد ميمڻ، ۾ پڻ ڇپيل)

(100) 'ڌرتي منهنجو گهر'، "عبرت مئگزين"، 1 ڊسمبر 1994ع (ڪتاب: "ڌرتي: منهنجو گهر" جو هڪ باب)

(101) 'هڪ وڏو چقمق'، "عبرت مئگزين"، 15 ڊسمبر 1994ع (ڪتاب "ڌرتي: منهنجو گهر" جو هڪ باب)

(102) 'سنڌ جون گهڻ گهريون ڌريون دهشتگردن کي ڪيئن منهن ڏين؟' "هلال پاڪستان"، 2 ڊسمبر 1994ع

(103) 'سنڌ کي ورهائڻ جي سازش ڏانهن سنجيده روبي جي گهرج'، "هلال پاڪستان"، 30_31 ڊسمبر 1994ع (ٻن قسطن ۾)
(104) 'مهاجر، اردڪ ۽ دهشتگرد ۾ فرق ڪرڻ گهرجي'، "هلال پاڪستان"، 4 جنوري 1994ع
(105) 'سنڌ دوستيءَ جي نالي ۾ دڙڪي واري سياست'، "هلال پاڪستان"، 10 جنوري 1994ع
(106) 'پاٽر چمار'، "ڪينجهر"، مارچ 1995ع
(107) 'ماٺهوءَ جهڙو جانار ۽ ماٺهو'، "ڪينجهر"، مارچ 1995ع
(108) 'خط'، "ڪينجهر"، مارچ 1995ع
(109) 'الفابيٽ/رسم الخط/اسڪرپٽ_ ڪجهه اعتراض ۽ ڪجهه انومان'، "پرهه"، مارچ ۽ اپريل 1995ع (ٻن قسطن ۾)
(110) 'سنڌ جون ٻوليون (آمريءَ جي اوسر کان منصوره جي ميسارجن تائين)، (ترجمو: ايم.ايچ پنهور)، "ڪينجهر"، اپريل 1995ع (ڪتاب: "آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي" (2010ع) ۾ ٻيهر ڇپيل)
(111) 'سنڌ جي ٻولي (4 هزار_ 1 هزار ورهيه ق.م)'، (ترجمو: ايم.ايچ پنهور)، "ڪينجهر"، جولاءِ 1995ع (ٻيهر ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون"، (جلد 7)، ۾ ڇپيل ڪتاب "آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي" (2010ع) ۾ ٻيهر ڇپيل)
(112) 'سنڌ ۾ ماٺهو' (ترجمو: ايم.ايچ پنهور)، "ڪينجهر"، سيپٽمبر 1995ع (ڪتاب: "آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي" (2010ع) ۾ ٻيهر ڇپيل)
(113) 'ٻونجاٽي ڪئلينڊر'، (ترجمو: ايم.ايچ پنهور)، "ڪونج"، سيپٽمبر 1995ع، ("ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ" جو پهريون باب)
(114) 'استدلال جو اهو طريقو غلط آهي'، "جاڳو"، 18_27، 30 نومبر 1995ع، 2_3، 6، 10 ڊسمبر 1995ع (16 قسطن ۾ ڇپيل) (ڪتاب: "افسانوي ۽ فڪري ادب" (2007ع) مرتب: جامي چانڊيو ۾ ٻيهر ڇپيل)
(115) 'اکين جي مُرڪ ۽ اندر جو درد'، "لڪٽهار"، قنبر، مارچ 1996ع
(116) 'سنڌ ۾ نئين پاٽر (نوپهٽي) چمار'، (ترجمو: ليکڪ: ايم.ايچ پنهور)، "ڪينجهر"، مارچ 1996ع ("ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ" جو هڪ حصو)
(117) 'شهيد فاضل کي دوستيءَ جي آڙ ۾ بدنام ڪرڻ بند ڪيو'، "سنڌ"، 26 مارچ 1996ع
(118) 'عوامي تحريڪ ۽ پليجو گروپ'، "سنڌ" 14_19 جون 1996ع (پنجن قسطن ۾ ڇپيل)
(119) 'ٿر ۽ ڪوهستان رڻن جا وڻ ٽڻ'، (ترجمو: ليکڪ: مسز فرزانه پنهور)، "ڪينجهر"، جولاءِ 1996ع
(120) 'سنڌ جي سالميت ۽ ايم.ڪيو.ايم'، "سنڌ"، 15_16 جولاءِ 1996ع
(121) 'سنڌ الاجي مامرو: انڪوائري ڪيئن ٿيڻ کپي؟' "سنڌ"، 8 سيپٽمبر 1996ع
(122) 'ايندڙ چونڊون: سنڌ دشمن سازشن جا پيرا کٽڻ جي ضرورت'، "عوامي آواز"، 3 جنوري 1997ع

(123) ’سنڌ ۾ سياسي گهوٽالو ۽ وطن دوست ڌُر جي ضرورت‘، ”عوامي آواز“، 13 جنوري 1997ع
(124) ’دهشتگردن پاران نئين حڪومت لاءِ پهريون تحفو‘، ”برسات“، 19 جنوري 1997ع
(125) ’ڇا ايم.ڪيو.ايم سنڌ دشمن ۽ دهشتگرد فطرت مٽائي سگهندي؟‘، ”عوامي آواز“، 22_23 جنوري 1997ع (ٻن قسطن ۾)
(126) ’سنڌ جي بندرگاهه خلاف سازشن جو تاڃي پيٽو‘، ”عوامي آواز“، 30_31 جنوري ۽ 1 فيبروري 1997ع (ٽن قسطن ۾)
(127) ’خاڪن جو خاڪو‘ (اپياس)، ”ڪينجهر“، فيبروري 1997ع
(128) ’سنڌ جي هر عالم، اديب ۽ محقق لاءِ هڪ کلي دعوت‘، ”ڪينجهر“، مارچ 1997ع

## حوالا:


1. پرڙو رياضت (2014ع)، ڊاڪٽر محبت پرڙو: شخصيت، فڪر ۽ فن (ڇاپو پهريون)، 16، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
2. حوالو ساڳيو ص 13
3. پرڙو رياضت (2006ع)، قنبر تعلقي جا نامور استاد (مقالو)، مرتب ۽ ايڊيٽر: رياضت پرڙو قنبر: هڪ اپياس (ڇاپو پهريون)، 709، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
4. پرڙو رياضت (2014ع)، ڊاڪٽر محبت پرڙو: شخصيت، فڪر ۽ فن (ڇاپو پهريون)، 20، 19، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
5. حوالو ساڳيو ص 20
6. پرڙو رياضت (2006ع) محبت پرڙو (پروفائيل)، مرتب ۽ ايڊيٽر: رياضت پرڙو قنبر: هڪ اپياس (ڇاپو پهريون)، 432، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
7. هَڪڙو انور فگار، ڊاڪٽر (2017ع)، تاثراتي رايا، ترتيب ۽ تدوين: رياضت پرڙو محبت جن جي من (ڇاپو پهريون)، 370، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
8. راهوجو نورنبي (2019ع)، ڊاڪٽر محبت پرڙو شاگرد سياست کان پولي ماهر تائين، (مقالو)، ايڊيٽر: ثميند ميمڻ، ٽماهي مهراڻ، شمارو 2، جلد 69، 177_171، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ
9. حوالو ساڳيو.
10. پرڙو رياضت (2006ع)، قنبر ۾ سياسي تنظيمون (مقالو)، مرتب ۽ ايڊيٽر: رياضت پرڙو قنبر: هڪ اپياس (ڇاپو پهريون)، 118، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
11. جروار ايوب، ڊاڪٽر (2017ع)، محنتي اڻ ورچ ۽ جفاڪش (مضمون)، ترتيب ۽ تدوين: رياضت پرڙو محبت جن جي من (ڇاپو پهريون)، 233، 232، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي

12. عباسي، ولي (2017ع)، پڙ تان پاهڻ نہ ڇُري (تاثر)، ترتيب ۽ تدوين: رياضت برڙو محبت جن جي من (ڇاپو پهريون)، 243، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
13. حوالو ساڳيو
14. لطيف ۽ سچڻ (1988ع) .... جيڪو سچ چوي (مهاڳ)، 11، 10، حيدرآباد: سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي
15. راهوجو نور نبي (2019ع)، ڊاڪٽر محبت برڙو: شاگرد سياست کان ٻولي ماهر تائين (مقالو)، ايڊيٽر: ثمينہ ميمڻ، ٽماهي مهراڻ شمارو 2، جلد 69، 177_171، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ
16. برڙو رياضت (2017ع)، ڊاڪٽر محبت برڙو (پروفائيل)، ترتيب ۽ تدوين: رياضت برڙو محبت جن جي من" (ڇاپو پهريون)، 15، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
17. برڙو رياضت (1998ع)، پيش لفظ، ڊاڪٽر محبت برڙو انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا (ڇاپو پهريون)، 4، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
18. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر (2017ع)، سنڌي زبان ۾ فني اصطلاحسازي ۽ ڊاڪٽر محبت برڙي جون لساني مهارتون (مقالو)، ترتيب ۽ تدوين: رياضت برڙو محبت جن جي من (ڇاپو پهريون) 61، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
19. حوالو ساڳيو
20. ٻگهيو محمد قاسم، ڊاڪٽر (2017ع)، ڊاڪٽر محبت برڙو: سنڌي ٻوليءَ جو وچايل لفظ، (مقالو)، ترتيب ۽ تدوين: رياضت برڙو محبت جن جي من (ڇاپو پهريون)، 49، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
21. پنهور، ايم.ايچ (2017ع)، تاثراتي رايا، ترتيب ۽ تدوين: رياضت برڙو محبت جن جي من (ڇاپو پهريون)، 361، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
22. برڙو محبت، ڊاڪٽر (2017ع)، ڌرتي منهنجو گهر (ڇاپو پهريون)، 11، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
23. برڙو رياضت (2016ع)، محبت جا خط (پيش لفظ)، ڊاڪٽر محبت برڙو 4، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
24. برڙو رياضت (2006ع)، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر (تعارف)، مرتب ۽ ايڊيٽر: رياضت برڙو قنبر: هڪ اڀياس (ڇاپو پهريون) 756، 755، قنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي